# غُصي جو علاج




شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمَّد الياس عطّارؔ قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# غُصي جو علاج

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غُصي جو علاج[1]

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو.

## درود شريف جي فضيلت

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي: مون گذريل رات عجيب واقعو ڏٺو، مون پنهنجي هڪ امتيءَ کي ڏٺو جيڪو پُلصِراط تي ڪڏهن ريڙهيون پائيندي هلي رهيو هو ۽ ڪڏهن گوڏن پر هلي رهيو هو، ايتري ۾ اهو درود شريف آيو جيڪو ان مون تي موڪليو هو، ان درود شريف هن کي پلصراط تي اٿاري بيهاريو، ايتري تائين جو ان پُلصِراط کي پار ڪري ورتو. (المعجم الكبير ج 25 ص 281، 282، حديث 39)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان جا ٽي ڄار

حضرتِ سيّدُنا فَقِيه ابوالليث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه "تَنبِيهُ الغَافِلين" ۾ نقل ڪن ٿا: حضرتِ سيّدُنا وهب بن مُنَبِّه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا ته بني اسرائيل جا هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڀيري ڪيڏانهن تشريف کڻي ويا. رستي ۾ هڪ موقعي تي اوچتو جبل مٿان هڪ

(1) هي بيان امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀري اجتماع (24،25،26) رجب المرجب سن 1419هـ مدينة الاولياء احمد آباد، هند ۾ فرمايو. ضروري ترميم سان تحريري طور تي حاضرِ خدمت آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

وڏي چپ سُري سندن مٿان ڪرڻ واري هئي ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ذِڪرُ الله ڪرڻ شروع ڪيو ته اها رڪجي وئي. پوءِ خطرناڪ شينهن ۽ (ٻيا) وحشي جانور ظاهر ٿيڻ لڳا، پر اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نه ڊنا ۽ ذڪرُ الله ڪندا رهيا، جڏهن اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نماز ۾ مشغول ٿيا ته هڪ نانگ پيرن سان چنبڙي ويو، ايتري تائين جو سڄي جسم کي وڪوڙي مٿي تائين پهچي ويو. اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن سجدي جو ارادو فرمائيندا هئا ته اهو ڇهري سان چنبڙي پوندو هو، سجدي جي لاءِ مٿو جهڪائيندا هئا ته اهو ڳهڻ لاءِ سجدي جي جاءِ تي وات کولي ڇڏيندو هو، پر اهي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي هٽائي سجدو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا. جڏهن نماز کان فارغ ٿيا ته شيطان عاجز ٿي سامهون اچي چوڻ لڳو: اهي سموريون حرڪتون مون ئي ڪيون هيون، توهان وڏي همت وارا آهيو، مان توهان کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان، ان ڪري هاڻي مون هي فيصلو ڪيو آهي ته توهان کي ڪڏهن به نه ورغلائيندس، مهرباني ڪري توهان مون سان دوستي ڪريو، ان اسرائيلي بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه شيطان جي ان وار کي به ناڪام بڻائيندي فرمايو: تو مون کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي پر اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مان نه ڊنس، مان توسان هرگز دوستي نه ڪندس، شيطان چيو: چڱو ڀلا پنهنجي گهروارن جو احوال ئي مون کان پُڇي وٺو ته توهان ڪانپوءِ انهن جي مٿان ڇا گذرندو؟ فرمايائون: مون کي توکان پُڇڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. شيطان چيو: پوءِ اهو ئي پُڇو ته ماڻهن کي ڪهڙيءَ ريت ورغلائيندو آهيان، فرمايائون: ها

اهو ٻُڌاءِ ته شيطان چيو: منهنجا ٽي چار آهن: ﴿1﴾ بُخل ﴿2﴾ غصو ﴿3﴾ نشو. پنهنجي ٽنهي چارن جي وضاحت ڪندي چوڻ لڳو: جڏهن ڪنهن تي "بُخل" جو چار اڇلائيندو آهيان ته اهو مال جي چار ۾ ڦاسي پوندو آهي، ان جو هي ذهن ٺهرائيندو آهيان ته تو وٽ تمام ٿورو مال آهي (اهڙيءَ طرح هو بُخل ۾ مبتلا ٿي) حُقُوقِ واجبه ۾ خرچ ڪرڻ کان به ڪيٻائيندو آهي ۽ ٻين ماڻهن جي مال ڏانهن به مائل ٿي ويندو آهي (۽ ائين مال جي چار ۾ ڦاسي نيڪين کان پري ٿي گناهن جي ڏٻڻ ۾ لهي پوندو آهي) جڏهن ڪنهن کي غصي جي چار ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهيان ته جهڙي طرح ٻار بال سان ڪيڏندا آهن، اهڙي طرح مان ان غصي ۾ آيل شخص کي شيطانن جي جماعت ۾ اڇلائيندو آهيان. غصي ۾ آيل شخص علم و عمل جي ڪيتري ئي وڏي مرتبي تي فائز ڇو نه هجي، چاهي پنهنجي دعائن سان مُردن کي زنده به ڪري سگهندو هجي، مان ان کان مايوس ناهيان ٿيندو، مون کي اميد هوندي آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن هو غصي ۾ بي قابو ٿي ڪو اهڙو جملو بڪي وجهندو، جنهن سان ان جي آخرت تباهه ٿي ويندي. رهيو "نشو" ته منهنجي هن چار جو شڪار يعني شرابي، ان کي ته مان ٻڪريءَ وانگر ڪن پڪڙي جنهن بُرائي جي طرف چاهيان ڪٽي ڦيرائيندو وتندو آهيان. ان طرح شيطان ٻُڌائي ڇڏيو ته جيڪو شخص غصو ڪندو آهي، اهو شيطان جي هٿ ۾ ائين آهي، جيئن ٻارن جي هٿ ۾ بال، ان لاءِ غصو ڪرڻ وارن کي صبر ڪرڻ گهرجي ته جيئن شيطان جو قيدي نه ٻڻجي جو متان عمل ئي ضايع

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

نہ ڪري ويهي. (تنبيه الغافلين ص 110)

## اڪثر ماڻهو غُصي جي سبب جهنّم ۾ ويندا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي گفتگو دوران شيطان اها ڳالهہ بہ ٻُڌائي تہ غصي ۾ آيل شخص شيطان جي هٿ ۾ ائين هوندو آهي جيئن ٻارن جي هٿ ۾ بال. ان لاءِ غصي (ڪاوڙ) جو علاج ڪرڻ ضروري آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو غصي جي سبب شيطان سمورا عمل برباد ڪرائي ڇڏي. "**ڪيمياءِ سعادت**" ۾ حُجّة الاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: "غصي جو علاج ۽ ان باب ۾ محنت و مَشَقَّت برداشت ڪرڻ فرض آهي، ڇو تہ اڪثر ماڻهو غصي جي ئي سبب جهنم ۾ ويندا."
(ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 601)

حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اي انسان! غصي ۾ خوب ٽِپ ٽِپ ڪندو آهين، ڪٿي اها ٽِپ ٽِپ توکي دوزخ ۾ نہ وجهي ڇڏي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 205)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غُصو ڇا کي چئبو آهي

مفسرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْحَنَّان فرمائن ٿا: "غضب يعني غصو نفس جي ان جوش جو نالو آهي جيڪو ٻئي کان بدلو وٺڻ يا ان کي پري هٽائڻ تي اڀاري."
(مرآة المناجيح ج 6 ص 655)

# ”غصي کان خدا پناهه ڏئي“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان غصي مان پيدا ٿيڻ وارين 16 برائين جي نشاندهي

غصي جي سبب تمام گهڻيون بُرايون پيدا ٿينديون آهن، جيڪي عاقبت تباهه ڪندڙ آهن مثلاً: ﴿1﴾ حسد ﴿2﴾ غيبت ﴿3﴾ چُغلي ﴿4﴾ ڪينو ﴿5﴾ تعلقات ٽوڙڻ ﴿6﴾ ڪوڙ ﴿7﴾ بيعزّتي ڪرڻ ﴿8﴾ ٻئي کي حقير سمجهڻ ﴿9﴾ گارگند ﴿10﴾ تڪبُّر ﴿11﴾ خواه مخواه مارڪُٽ ﴿12﴾ مذاق اڏائڻ ﴿13﴾ قطع رحمي (مائٽي ٽوڙڻ) ﴿14﴾ بي مُرُوَّتي ﴿15﴾ شُمَاتت يعني ڪنهن جي نقصان تي راضي ٿيڻ ﴿16﴾ احسان فراموشي وغيره. واقعي جنهن تي غصو اچي وڃي ان جو جيڪڏهن نقصان ٿي وڃي ته غصي ۾ آيل شخص خوشي محسوس ڪندو آهي، جيڪڏهن ان تي ڪا مصيبت ايندي آهي ته هو راضي ٿيندو آهي، ان جا سمورا احسان وساري ويهندو آهي ۽ ان سان تعلقات ختم ڪري ڇڏيندو آهي، ڪن ماڻهن جو غصو دل ۾ لڪيل رهندو آهي ۽ سالن تائين ناهي ويندو، انهيءَ غصي جي سبب اهو شادي غمي جي موقعن تي شرڪت ناهي ڪندو. ڪي ماڻهو جيڪي بظاهر نيڪ به هوندا آهن پوءِ به جنهن لاءِ غصو دل ۾ لڪائي رکندا آهن، ان جو اظهار هيئن ٿيندو آهي جيڪڏهن اڳ ۾ ان تي احسان ڪندا هئا ته هاڻي نه ٿا ڪن. هاڻي ان سان سٺي سلوڪ سان پيش نٿا اچن، نه همدرديءَ جو مظاهرو ڪن ٿا، جيڪڏهن ان ڪو اجتماع ذڪر و نعت وغيره جو اهتمام ڪيو ته مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ صرف نفس جي لاءِ ٿيڻ واري ناراضگي ۽ غصي جي

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

سبب ان ۾ شرڪت ڪان پنهنجو پاڻ ڪي محروم ڪري ڇڏيندا آهن. ڪي رشتيدار اهڙا بہ هوندا آهن جو ماڻهو انهن سان ڪيترو بہ حسنِ سلوڪ ڪري پر اهي ڪاوڙ ناهن ڇڏيندا، پر اسان ڪي مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. "جامع صغير" ۾ آهي صِلۡ مَنۡ قَطَعَكَ يعني "جيڪو توسان رشتو ٽوڙي تون ان سان ڳنڍ."

(الجامع الصغير للسيوطي ص 309 حديث 5004)

مولانا رومي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا:

تو براۓ وَصل کردن آمدی　　　نے براۓ فَصل کردن آمدی

(يعني تون ڳنڍڻ لاءِ آيو آهين، ٽوڙڻ لاءِ ناهين آيو)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غصي جو عملي علاج

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غصي جو عملي علاج هن طرح ٿي سگهي ٿو تہ غصو پي وڃڻ ۽ درگذر ڪرڻ جي فضائل جي ڄاڻ حاصل ڪجي. جڏهن بہ غصو اچي تہ انهن فضائل تي غور و فڪر ڪري غصي ڪي پيئڻ جي ڪوشش ڪري. بخاري شريف ۾ آهي: هڪ شخص بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ڪي وصيّت فرمايو: ارشاد فرمايائون: "غصو نہ ڪريو" ان هرهر اهو ئي سوال ڪيو: "جواب اهو ئي مليو: "غصو نہ ڪريو."

(صحيح البخاري ج 4 ص 131 حديث 6116)

## جنّت جي بشارت

حضرتِ سيّدُنا ابوالدّرداء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ مون عرض

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ڪو اهڙو عمل ارشاد فرمايو، جيڪو مون کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏي؟ سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب وسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "لَا تَغْضَبْ وَلَکَ الْجَنَّةُ" يعني غصو نه ڪريو ته توهان جي لاءِ جنّت آهي.

(مجمع الزوائد ج 8، ص 134 حديث 12990)

## طاقتور ڪير؟

**بخاري شريف** ۾ آهي: "طاقتور اهو ناهي جيڪو پهلوان هجي بئي کي ڪيرائي وجهي بلڪ طاقتور اهو آهي جيڪو غصي جي وقت پنهنجو پاڻ کي قابو ۾ رکي." (صحيح البخاري ج 4 ص 130حديث 6114)

## غصو پيئڻ جي فضيلت

**ڪَنزُالعُمّال** ۾ آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: "جيڪو غصو پي ويندو حالانڪ اهو نافذ ڪرڻ تي قدرت رکندو هو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان جي دل کي پنهنجي رضا سان معمور فرمائي ڇڏيندو. (ڪنزالعمال ج 3 ص 163 حديث 7160) **غصي جو هڪ علاج هي به آهي ته غصو آڻڻ وارين ڳالهين جي موقعي تي بزرگانِ دين** رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن **جي طرزِ عمل ۽ انهن جي حڪايتن کي مدّنظر رکو.**

## ست ايمان افروز حڪايتون

**حڪايت 1: ڪيمياءِ سعادت** ۾ حُجَّةُ الْاسلام حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي **نقل ڪن ٿا:** ڪنهن شخص امير المُؤمِنِين حضرت سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان سخت لهجي ۾

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڳالهايو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: ”ڇا توهان هي چاهيو ٿا ته مون کي غصو اچي ۽ شيطان مون کي تڪبُّر ۽ حڪومت جي غُرور ۾ مبتلا ڪري ۽ مان توهان تي ظلم ڪريان ۽ قيامت جي ڏينهن توهان مون کان ان جو بدلو وٺو، اهو مون کان هرگز نه ٿيندو.“ اهو فرمائي خاموش ٿي ويا. (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 597)

**حڪايت 2:** ڪنهن شخص حضرت سيِّدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي گار ڏني، پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن منهنجي گناهن جو پلڙو ڳرو آهي ته جيڪو ڪجهه توهان مون کي چيو مان ان کان به وڌيڪ بُرو آهيان ۽ جيڪڏهن منهنجو اهو پلڙو هلڪو آهي ته مون کي توهان جي گار جي ڪا پرواهه ناهي. (اتحاف السادة المتقين ج 9 ص 416)

**حڪايت 3:** ڪنهن حضرتِ سيِّدُنا شيخ رَبيع بن خُثَيم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي گار ڏني. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: ”**اللّٰہ تعاليٰ** تنهنجي ڳالهه کي ٻُڌي ورتو آهي. منهنجي ۽ جنّت جي وچ ۾ هڪ گهاٽي (ڏکيو پيچرو) رڪاوٽ بڻيل آهي مان ان کي طئي ڪرڻ ۾ مصروف آهيان جيڪڏهن طئي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ته مون کي توهان جي گار جي ڪهڙي پرواهه! ۽ جيڪڏهن مان ان کي طئي ڪرڻ ۾ ناڪام رهيس ته توهان جي گار منهنجي لاءِ ناڪافي آهي.“ (ايضاً)

**حڪايت 4:** امير المؤمنين حضرتِ سيِّدُنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڪنهن گار ڏني ته ارشاد فرمايائون: ”منهنجا ته ان طرح جا ٻيا به عيب آهن، جيڪي **اللّٰہ تعاليٰ** توهان کان پوشيده رکيا آهن.“

(احياءُ العلوم ج 3 ص 212)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

**حڪايت 5:** ڪنهن شخص سيّدُنا شَعبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي گار ڏني، پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن توهان سچ ٿا چئو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرمائي. جيڪڏهن توهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو تہ **الله** تعاليٰ توهان جي مغفرت فرمائي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 212)

**حڪايت 6:** حضرتِ سيّدُنا فضيل بن عياض رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: حضور! فلان توهان بابت گهڻ وڌ ڳالهائي رهيو هو. فرمايائون: خدا جو قسم! مان تہ شيطان کي ئي ناراض ڪندس، پوءِ دعا گهريائون: **يا الله** عَزَّوَجَلَّ ان شخص منهنجون جيڪي جيڪي بُرايون بيان ڪيون جيڪڏهن اهي مون ۾ آهن تہ مون کي معاف فرمائي ڇڏ ۽ منهنجي اصلاح فرماءِ ۽ جيڪڏهن ان مون تي ڪوڙا الزام هنيا آهن تہ ان کي معافيءَ سان نوازي ڇڏ.

**حڪايت 7 :** هڪ شخص سيّدُنا بڪر بن عبد**الله** مُزني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي سرِّعام گهڻ وڌ ڳالهائي رهيو هو پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خاموش هئا، ڪنهن عرض ڪيو: توهان جوابي ڪارروائي ڇو نہ ٿا ڪيو؟ فرمايائون: مان ان جي ڪنهن برائيءَ کان واقف ئي ناهيان، جنهن جي سبب ان کي برو چئي سگهان، بهتان هڻي سخت گنهگار ڇو بڻجان! سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! اهي بزرگ سڳورا ڪيڏا ڀلا انسان هوندا هئا ۽ ڪيڏي سهڻي انداز ۾ غصي جو علاج فرمائيندا هئا. انهن کي چڱيءَ طرح معلوم هو تہ پنهنجي نفس جي واسطي غصو ڪري سامهون واري تي اڳرائي ڪرڻ ۾ ڀلائي ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

سن لو نقصان ہی ہوتا ہے بِالآخِر ان کو
نفس کے واسطے غُصّہ جو کیا کرتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن تي غصو اچي ته هن طرح علاج ڪريو

غصي جي تباهه ڪارين کي مدِّنظر رکو. ڇو ته غصو ئي اڪثر فتني فساد، ٻن ڀائرن ۾ جُدائي، زال مڙس ۾ طلاق، پاڻ ۾ نفرت ۽ قتل و غارت جو سبب بڻجندو آهي. جڏهن ڪنهن تي غصو اچي ۽ مارڪُٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ته پنهنجو پاڻ کي هن طرح سمجهايو، مون کي ٻين تي جيڪڏهن ڪجهه قدرت حاصل آهي ته ان کان تمام گهڻو **الله** عَزَّوَجَلَّ مون تي قادر آهي، جيڪڏهن مون غصي ۾ ڪنهن جي دل آزاري يا حق تلفي ڪري وڌي ته قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي غضب کان مان ڪهڙي طرح محفوظ رهي سگهندس؟

## غلام دير ڪري ڇڏي

شهنشاهِ خيرُالانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ غلام کي ڪنهن ڪم جي لاءِ طلب فرمايو، اهو دير سان حاضر ٿيو ته حضورِ انور، مديني جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هٿ مبارڪ ۾ ڏنڊڻ هو، فرمايائون: "جيڪڏهن قيامت ۾ بدلو نه ورتو وڃي ها ته مان توکي هن ڏنڊڻ سان ماريان ها." (مُسند ابو يعليٰ ج 6 ص 90 حديث 6892) ڏٺو اوهان! اسان جا مٺا مٺا آقا، شهنشاهِ خيرالانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به پنهنجي نفس جي خاطر بدلو نه وٺندا هئا ۽ جڏهن ته اڄڪلهه جي مسلمان جو هي حال آهي جو

جيڪڏهن نوڪر ڪنهن ڪم ۾ غلطي ڪري ته گارين جو وسڪارو بلڪ مارڪٽ به ڪري وجهندو آهي.

## مارڪُٽ جو ڪفارو

**مسلم شريف** ۾ آهي، حضرتِ سيّدُنا ابو مسعود انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان پنهنجي غلام کي ماري رهيو هئس ته مون پنهنجي پويان آواز ٻُڌو: ”اي ابو مسعود! توهان کي علم هئڻ گهرجي ته توهان ان تي جيتري قدرت (يعني طاقت) رکو ٿا، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کان وڌيڪ توهان تي قدرت رکي ٿو، مون پوئتي ڪنڌ ورائي نهاريو ته اهي رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هئا. مون عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هُوَ حُرٌّ لِوَجْهِ اللّٰهِ يعني ”هي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ آزاد آهي.“ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪڏهن توهان ائين نه ڪيو ها ته توهان کي دوزخ جي باهه ساڙي ها يا فرمايائون: توهان کي دوزخ جي باهه ڇهي ها.

(صحيح مسلم ص 905 حديث 35، 1658)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## درگُذر ۾ ئي عافيت آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتريقدر پيار ڪندا هئا، حضرت سيّدُنا ابو مسعود انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جيئن ئي پنهنجي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

ناراضگي محسوس ڪئي تہ فورًا نہ صرف پنهنجي غلام کي مارڻ کان رڪجي ويا بلڪ پنهنجي قصور کي تسليم ڪندي ان جي ڪَفّاري ۾ غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو. افسوس! اڄ ماڻهو پنهنجي ماتحتن کي بنا شرعي ضرورت جي دڙڪا ڏيندي، ڌمڪائيندي، انهن تي گرم ٿيندي وقت هن ڳالهہ جو بلڪل خيال ناهن ڪندا تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جيڪو اسان کان وڌيڪ طاقتور آهي اهو اسان جي ظلم ۽ ڏاڍ کي ڏسي رهيو آهي، يقينًا پنهنجي ماتحتن سان نرمي، حُسنِ سُلوڪ ۽ عَفْوٌ و درگذر کان ڪم وٺڻ ۾ ئي عافيّت آهي.

## لوڻ گهٽ وجهي ڇڏيو

منقول آهي، هڪ شخص جي گهرواريءَ ٻاجيءَ ۾ لوڻ گهٽ وجهي ڇڏيو. ان کي ڪاوڙ گهٽي آئي پر اهو سوچيندي هو ان غصي کي پي ويو تہ مان بہ تہ خطائون ڪندو رهندو آهيان، جيڪڏهن اڄ مون گهرواريءَ جي خطا تي سختيءَ سان پڪڙ ڪئي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو سڀاڻي قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ بہ منهنجي خطائن تي پڪڙ فرمائي. پوءِ ان دل ئي دل ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي خطا مُعاف ڪري ڇڏي، انتقال کان پوءِ ان کي ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو: گناهن جي ڪثرت سبب عذاب ٿيڻ وارو ئي هو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو: منهنجي ٻانهيءَ ٻاجيءَ ۾ لوڻ گهٽ وجهي ڇڏيو هو ۽ تو ان جي خطا معاف ڪئي هئي، وڃ مان بہ ان جي بدلي ۾ توکي اڄ مُعاف ڪريان ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

# غصو روڪڻ جي فضيلت

حديثِ پاڪ آهي: جيڪو شخص پنهنجي غصي کي روڪيندو الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان کان پنهنجو عذاب روڪي ڇڏيندو.
(شعب الايمان ج 6 ص 315 حديث 8311)

# جوابي ڪارروائي تي شيطان جو اڇڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪو اسان سان اٽڪي يا اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي، ان وقت خاموشي ۾ ئي اسان جي لاءِ عافيّت آهي، جيتوڻيڪ شيطان ڪيترا بہ وسوسا وجهي تہ تون بہ ان کي جواب ڏي نہ تہ ماڻهو توکي بزدل چوندا، سائين! شرافت جو زمانو ناهي، اهڙي طرح تہ ماڻهو توکي جيئڻ بہ نہ ڏيندا وغيره وغيره، مان هڪ حديثِ مبارڪ بيان ڪيان ٿو، ان کي غور سان ٻڌو، ٻڌي ڪري توهان کي اندازو ٿيندو تہ ڪنهن جي گهٽ وڌ ڳالهائڻ مهل خاموش رهڻ وارو رحمتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي ڪيتري قدر ويجهو هوندو آهي. **مُسند امام احمد بن حنبل** ۾ آهي: ڪنهن شخص سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موجودگيءَ ۾ حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي بُرو چيو جڏهن ان گهڻي زيادتي ڪئي تہ انهن ان جي ڪجھ ڳالهين جو جواب ڏنو (حالانڪ سندن جوابي ڪارروائي گناھ کان پاڪ هئي پر) سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتان کان اٿي ويا. سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پهتا، عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو مون کي بُرو چوندو رهيو توهان تشريف فرما هئا، جڏهن مون ان جي ڳالھ جو

جواب ڏنو تہ توهان اٿي ويا، فرمايائون: ”توهان سان گڏ فرشتو هو، جيڪو ان کي جواب ڏئي رهيو هو، پوءِ جڏهن توهان پاڻ ان کي جواب ڏيڻ شروع ڪيو تہ شيطان وچ ۾ اچي پيو.“
(مُسند امام احمد بن حنبل ج 3 ص 434 حديث 9630)

## جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو ماڻيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان کي ڳالهائڻ کان پوءِ ڪيترا ئي ڀيرا پڇتائڻو پيو هوندو پر خاموش رهي ڪري ڪڏهن بہ شرمندگي نہ ٿي هوندي. **ترمذي شريف** ۾ آهي: ”مَنْ صَمَتَ نَجَا“ يعني جيڪو چپ رهيو، ان ڇوٽڪارو ماڻيو. (سنن الترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509) ۽ اها اُردو چوڻي بہ خوب آهي: ايک چُپ سو کو ہرائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪر ڀلو تہ ٿئي ڀلو

حضرتِ سيّدُنا شيخ سعدي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **بوستان سَعدي** ۾ لکن ٿا: هڪ نيڪ سيرت شخص پنهنجي ذاتي دشمنن جو تذڪرو بہ بُرائي سان نہ ڪندو هو، جڏهن بہ ڪنهن بابت گفتگو ٿيندي هئي تہ ان جي زبان مان نيڪ جملو ئي نڪرندو هو، ان جي مرڻ کان پوءِ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏنو تہ سوال ڪيائين: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِکَ؟ يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو مُعاملو فرمايو؟ هي سوال ٻُڌي ان جي چپن تي مرڪ اچي وئي ۽ اهو بلبل جيان مٺي آواز ۾ چوڻ لڳو: ”دنيا ۾ منهنجي اها ئي ڪوشش هوندي هئي تہ منهنجي زبان مان ڪنهن جي باري ۾ ڪا بُري ڳالهہ نہ نڪري، منڪر نڪير بہ مون کان ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

سخت سوال نہ ڪيو ۽ ائين منهنجو معاملو تمام سنو رهيو.“
(بوستانِ سعدي ص 144)

## نرمي زينت بخشيندي آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ملاحظہ فرمايو! نرمي ۽ عفو و درگذر ڪرڻ سان الله ربُّ العزّتعَزَّوَجَلَّ جي ڪيتري قدر رحمت ٿيندي آهي، ڪاش! اسان بہ پنهنجي بيعزتي ڪرڻ وارن يا ستائڻ وارن کي مُعاف ڪرڻ اختيار ڪريون. مسلم شريف ۾ آهي: جنهن شيء ۾ نرمي هوندي آهي ان کي زينت (يعني حسن) بخشيندي آهي. ۽ جنهن شيء کان جدا ڪئي ويندي آهي ان کي عيبدار بڻائي ڇڏيندي آهي.
(صحيح مسلم ص 1398 حديث 2594)

## اڳوات معاف ڪرڻ جي فضيلت

اِحياءُ العُلُوم ۾ آهي: هڪ شخص دعا گهري رهيو هو: يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون وٽ صدقي ۽ خيرات جي لاءِ ڪو مال ناهي، بس اهو ئي تہ جيڪو مسلمان منهنجي بيعزتي ڪري تہ مون ان کي معاف ڪيو. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي آئي: ”اسان انهيءَ ٻانهي کي بخشي ڇڏيو.“ (احياءُ العلوم ج 3 ص 219)

## غصو پيئڻ واري جي لاءِ جنتي حور

ابوداؤد جي حديث ۾ آهي: جنهن غصي کي ضبط ڪيو (يعني روڪيو) حالانڪ اهو ان کي نافذ ڪرڻ تي قادر هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان کي سموري مخلوق جي سامهون گهرائيندو ۽ اختيار ڏيندو تہ جنهن حور کي چاهين وٺ. (سنن ابي داود ج 4 ص325، 326، حديث 4777)

## حساب ۾ آسانيءَ جا ٽي سبب

حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ ٽي ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون، (قيامت جي ڏينهن) الله تعاليٰ ان جو حساب تمام آسان طريقي سان وٺندو ۽ ان کي پنهنجي رحمت سان جنّت ۾ داخل فرمائيندو: (1) جيڪو توهان کي محروم ڪري توهان ان کي عطا ڪريو (2) ۽ جيڪو توهان سان تعلقات ٽوڙي توهان ان سان ڳنڍيو (3) ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري توهان ان کي مُعاف ڪري ڇڏيو. (المعجم الاوسط ج 4 ص 18 حديث 5064)

## گارين وارن خطن تي اعليٰ حضرت جو صبر

ڪاش! اسان ۾ بہ اهو جذبو پيدا ٿئي تہ اسان پنهنجي ذات ۽ نفس جي خاطر غصو ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيون، جيئن اسان جي بزرگن جو جذبو هوندو هو تہ انهن تي ڪو ڪيترو ئي ظلم ڪندو هو، اهي ان ظالم تي بہ شفقت ئي فرمائيندا هئا. ”**حياتِ اعليٰ حضرت**“ ۾ آهي: اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي خدمت ۾ هڪ ڀيري جڏهن خط پيش ڪيا ويا تہ ڪن خطن ۾ گاريون لکيل هيون، معتقدين (يعني مُريد) ڪاوڙجي چوڻ لڳا تہ اسان انهن ماڻهن جي خلاف ڪيس داخل ڪنداسين. امامِ اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ارشاد فرمايو: جيڪي ماڻهو تعريفي خط لکندا آهن پهريان انهن ۾ تہ جاگيرون ورهايو، پوءِ گاريون لکڻ وارن تي ڪيس داخل ڪيو. (حياتِ اعليٰ حضرت ج 1 ص 143، 144) مطلب هي تہ جڏهن تعريف ڪرڻ وارن کي انعام نٿا ڏيون تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

پوءِ برائي ڪرڻ وارن کان بدلو ڇو وٺون؟

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# مالڪ بن دينار جي صبر جا انوار

اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الۡمُبِيۡن ظالمن جي ظلم ۽ ڪافرن جي ستم تي صبر ڪندا هئا ۽ ڪهڙي طرح غصي کي دور ڪندا هئا، ان کي هن حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. حضرت سيِّدُنا مالڪ بن دينار عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡغَفَّار ڪِرائي تي هڪ گهر ورتو، ان گهر سان گڏوگڏ هڪ يهودي جو گهر هو. اهو يهودي بغض ۽ دشمنيءَ جي بنياد تي نيساري جي ذريعي گندو پاڻي ۽ گندگي سندن گهر مبارڪ ۾ اڇلائيندو هو، پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه خاموش ئي رهندا هئا. آخرڪار ان هڪ ڏينهن پاڻ اچي عرض ڪيو: سائين! منهنجي نيساري مان ڪرڻ واري گندگيءَ مان توهان کي ڪا شڪايت ته ناهي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه نهايت نرمي سان فرمايو: ”نيساري مان جيڪا گندگي ڪِرندي آهي ان کي ٻُهاري سان صاف ڪري ڇڏيندو آهيان.“ ان چيو: توهان کي ايتري تڪليف هجڻ جي باوجود غصو ڇو نٿو اچي؟ فرمايائون: ايندو ته آهي پر پي ويندو آهيان، ڇو ته (سيپاري 4 سورهءِ آل عمران جي آيت نمبر 134 ۾) خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَالۡكٰظِمِيۡنَ الۡغَيۡظَ وَالۡعَافِيۡنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۳۴﴾ۚ

ترجموڪنزالايمان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ ماڻهن کي درگذر ڪرڻ وارا ۽ نيڪ ماڻهو الله (عَزَّوَجَلَّ) جا محبوب آهن.

جواب ٻُڌي ڪري اهو يهودي مسلمان ٿي ويو. (تذڪرة الاولياء ص 51)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! نرميءَ جون ڪيڏيون برڪتون آهن! نرميءَ ڪان متاثر ٿي اهو يهودي مسلمان ٿي ويو.

## نيڪ ٻانها ڪولين کي بہ ايذاءُ ناهن ڏيندا

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهي جي هڪ نشاني هيءَ بہ آهي تہ اهو غصي ۾ اچي مسلمانن کي تہ ڇا پر ڪِولين کي بہ ايذاءُ ناهي ڏيندو. جيئن تہ حضرتِ سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه

اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِیْ نَعِیْمٍ (پ30، المطففين 22) **ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ نيڪو ڪار ضرور چين ۾ آهن.

جو تفسير ڪندي فرمائن ٿا: اَلَّذِیْنَ لَایُؤْذُوْنَ الذَّرَّ يعني نيڪ ٻانها اهي آهن جيڪي ڪِولين کي بہ تڪليف نہ ڏين. (تفسير حسن بصري ج 5، ص 264)

## ڇا غصو حرام آهي؟

عوام ۾ اهو غلط مشهور آهي تہ "غصو حرام آهي" غصو هڪ غير اختياري فعل آهي، انسان کي اچي ئي ويندو آهي، ان ۾ هن جو ڏوهہ ناهي، باقي غصي جو اجايو استعمال بُرو آهي. ڪن صورتن ۾ غصو ضروري آهي مثلاً جهاد جي وقت جيڪڏهن غصو نہ ايندو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي دشمنن سان ڪيئن وڙهندؤ؟ بهرحال غصي جو "ازالو" (يعني ان جو نہ اچڻ) ممڪن ناهي، "اِمالو" ٽيڻ گهرجي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

يعني غصي جو رخ ٻئي طرف ڦيرڻ گهرجي. مثلاً ڪو **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان اڳ بُري صحبت ۾ هو، غصي جي حالت اها هئي جو جيڪڏهن ڪنهن ”ها“ جي بدران ”نه“ چئي ڇڏيو ته آپي کان ٻاهر ٿي ويو ۽ گارين جو وسڪارو لائي ڏنائين، ڪنهن بدتميزي ڪئي ته ٺُڪ وهائي ڪڍيائين، مطلب ته ڪو به ڪم طبيعت جي خلاف ٿيو، غصو آيو ته صبر ڪرڻ بدران نافذ ڪري ڇڏيائين. جڏهن ان کي خوش قسمتيءَ سان دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ميسر ٿيو ۽ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀريي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جون برڪتون ظاهر ٿيڻ لڳيون ۽ غصي جو ”امالو“ ٿي ويو يعني رخ بدلجي ويو يعني هاڻي به غصو ته باقي آهي پر ان جو رخ هيئن تبديل ٿيو ته ان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ، رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابه ۽ اولياء عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي دشمنن سان بغض ٿي ويو پر ان جي پنهنجي ذات کي ڪو ڪيڏو گهٽ وڌ ڳالهائي، غصو ڏياري پر صبر ڪندو آهي، ٻين تي ميڇرجڻ جي بدران پاڻ پنهنجي نفس تي غصو ڪندو آهي ته توکي گناهه ڪرڻ نه ڏيندس. مطلب ته غصو آهي پر هاڻي ان جو ”امالو“ ٿي ويو آهي، يعني رخ بدلجي ويو جيڪو آخرت جي لاءِ انتهائي فائديمند آهي.

## دل ۾ نور ايمان حاصل ڪرڻ جو هڪ سبب

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”جنهن شخص غصو ضبط ڪيو (يعني روڪيو) باوجود ان جي جو هُو غصو نافذ ڪرڻ تي قدرت رکي ٿو، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي دل کي سُڪون ۽ ايمان سان ڀري ڇڏيندو.“ (الجامع

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** **(ابن عدي)**

الصغير للسيوطي ص 541 حديث 8997) **يعني جيڪڏهن ڪنهن جي طرفان ڪا تڪليف پهچي ۽ غصو اچي ويو، هي بدلو وٺي سگهندو هو پر صرف رضاءِ الٰهي** عَزَّوَجَلَّ **جي خاطر غصو تي قابو رکيائين ته الله** عَزَّوَجَلَّ **ان کي دلي سڪون عطا فرمائيندو ۽ ان جي دل نورِ ايمان سان ڀري ڇڏيندو. ان مان معلوم ٿيو ته ڪڏهن ڪڏهن غصو اچڻ فائديمند به آهي جڏهن ته قابو ڪرڻ نصيب ٿي وڃي.**

# چار يارن جي نسبت سان غصي جي عادت ڪڍڻ لاءِ 4 وظيفا

**مدينه 1:** جنهن ڪان غصو گناهه ڪرائيندو هجي ان کي گهرجي ته هر نماز ڪان پوءِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم 21 ڀيرا پڙهي پنهنجي مٿان دم ڪري ڇڏي. ڪاڏو ڪائڻ وقت ٿي ٿي ڀيرا پڙهي ڪري ڪاڏي ۽ پاڻيءَ تي به دم ڪري.

**مدينه 2:** گهمندي ڦرندي ڪڏهن يَا اَللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ پڙهي.

**مدينه 3:** گهمندي ڦرندي يَا اَرْحَمَ الرّاحِمِين پڙهندو رهي.

**مدينه 4:** سيپاري 4، سورهءِ آلِ عمران جي آيت نمبر **134** جو هي حصو روزانو ست ڀيرا پڙهندو رهي.

وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ۚ

**(پ 4 ال عمران 134)**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

# ”اخلاقِ رحمتِ عالم“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان غصي جا 13 علاج

جڏهن غصو اچي وڃي تہ انهن مان ڪو بہ هڪ يا ضرورت موجب هيٺ ڏنل سمورا علاج ڪريو.

**مدينہ 1 :** اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهو.

**مدينہ 2 :** وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه پڙهو.

**مدينہ 3 :** چُپ ٿي وڃو.

**مدينہ 4 :** وضو ڪري ڇڏيو.

**مدينہ 5 :** نڪ ۾ پاڻي چڙهايو.

**مدينہ 6 :** بينا آهيو تہ ويهي رهو.

**مدينہ 7 :** وينا آهيو تہ ليٽي پئو ۽ زمين سان چنبڙي پئو.

**مدينہ 8 :** پنهنجي ڳل کي زمين سان ملائي ڇڏيو (وضو هجي تہ سجدو ڪريو) تہ جيئن احساس ٿئي تہ مان مٽيءَ مان ٺهيو آهيان تنهن ڪري ماڻهو تي غصو ڪرڻ مون کي نٿو سونهين.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 388، 389)

**مدينہ 9 :** جنهن تي غصو اچي رهيو هجي، ان جي سامهون کان هٽي وڃو.

**مدينہ 10 :** سوچيو تہ جيڪڏهن مان غصو ڪندس تہ ٻيو بہ غصو ڪندو ۽ بدلو وٺندو ۽ دشمن کي ڪمزور نہ سمجهڻ گهرجي.

**مدينہ 11 :** جيڪڏهن ڪنهن کي غصي ۾ دڙڪا وغيره ڏنا تہ

خصوصيّت سان سيني جي سامهون هٿ ٻَڌي ان کان مُعافي گهرو، اهڙي طرح نفس ذليل ٿيندو ۽ آئنده غصو ظاهر ڪرڻ وقت پنهنجي ذلت ياد ايندي ۽ ٿي سگهي ٿو ته ائين ڪرڻ سان غصي کان ڇوٽڪارو حاصل ٿي وڃي.

**مدينه 12 :** اهو غور ڪريو ته اڄ ماڻهو جي خطا تي مون کي غصو آيو آهي ۽ مان در گذر ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهيان، حالانڪ منهنجون بيشمار خطائون آهن، جيڪڏهن **الله** عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ ان مون کي معافي نه ڏني ته منهنجو ڇا ٿيندو!

**مدينه 13 :** ڪو جيڪڏهن زيادتي ڪري ۽ خطا ڪري ويهي ۽ ان تي نفس جي خاطر غصو اچي وڃي ته ان کي مُعاف ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي. غصي اچڻ وقت هي ذهن بڻائي ته ڇو نه مان مُعاف ڪري ثواب جو حقدار بڻجان ۽ ثواب به ڪيڏو زبردست جو "قيامت جي ڏينهن اعلان ڪيو ويندو: جنهن جو اجر **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ذمهءِ ڪرم تي آهي، اهو اٿي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. پُڇيو ويندو: ڪنهن جي لاءِ اجر آهي؟ اهو چوندو: انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي مُعاف ڪرڻ وارا آهن، ته هزارين ماڻهو اُٿي بيهندا ۽ بنا ڪنهن حساب جي جنّت ۾ داخل ٿي ويندا." (المعجم الاوسط للطبراني ج 1 ص 542 حديث 1998)

**هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏئي ڇڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو. گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو. اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان مختلف سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | غصو روڪڻ جي فضيلت | 13 |
| شيطان جا ٽي چار | 1 | جوابي ڪارروائي تي شيطان جو اچڻ | 13 |
| اڪثر ماڻهو غصي سبب جهنم ۾ ويندا | 4 | جيڪو چُپ رهيو،ان ڇوٽڪارو ماڻيو | 14 |
| غصو ڇا کي چئبو آهي | 4 | ڪر ڀلو تہ ٿئي ڀلو | 14 |
| غصي مان پيدا ٿيڻ واريون 16 برائيون | 5 | نرمي زينت بخشيندي آهي | 15 |
| غصي جو عملي علاج | 6 | اڳوات معاف ڪرڻ جي فضيلت | 15 |
| جنت جي بشارت | 6 | غصو پيئڻ واري جي لاءِ جنتي حور | 15 |
| طاقتور ڪير؟ | 7 | حساب ۾ آسانيءَ جا ٽي سبب | 16 |
| غصو پيئڻ جي فضيلت | 7 | اعليٰ حضرت جو صبر | 16 |
| ست ايمان افروز حڪايتون | 7 | مالڪ بن دينار جي صبر جا انوار | 17 |
| غصو اچي تہ هن طرح علاج ڪريو | 10 | نيڪ ٻانها ڪولين کي ايذاءُ ناهن ڏيندا | 18 |
| غلام دير ڪري ڇڏي | 10 | ڇا غصو حرام آهي؟ | 18 |
| مارڪيٽ جو ڪفارو | 11 | نور ايمان حاصل ڪرڻ جو هڪ سبب | 19 |
| درگذر ۾ ئي عافيت آهي | 11 | غصي جي عادت ڪيڏڻ لاءِ 4 وظيفا | 20 |
| لوڻ گهٽو وجهي ڇڏيو | 12 | غصي جا 13 علاج | 21 |


# ماخذ و مراجع


| ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی | الجامع الصغير | دار الكتب العلمية بيروت |
| تفسير حسن بصري | باب المدينه | شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخارى | دار الكتب العلمية بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليكشنز لاهور |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | حيات اعلي حضرت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی |
| سنن ترمذى | دارالفكر بيروت | احياء علوم الدين | دارالصادر بيروت |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | اتحاف السادة | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | كيمياءِ سعادت | انتشارات گنجينه ايران |
| المعجم الكبير للطبراني | دار احياء التراث العربي بيروت | تذكرة الاولياء | انتشارات گنجينه ايران |
| كنزالعمال | دار الكتب العلمية بيروت | تنبيه الغافلين | پشاور |

